سنڌي سنگت
Sindhi Sangat

Announces

SINDHI Nursery Rhymes competition

Select any of following. Video shoot your child while reciting poem by phone  Upload on Fb.com/SindhiSangatWorldwide for Indian Children upto age 6- Last date 31/03/2016

| | |
|---|---|
| Wah Re Tara, Gol Tara<br>Roshan Tara, Chimke Wara<br>Sanjhee’a Taane Nikro Tha<br>Ubh Saje Mei Pakhiryo Tha<br><br>Chilko Chimko Saari Raat<br>Kaje Awhaanji Kehdi Baat<br>Raat Langhe Weyi Baaki Chha<br>Awheen Bataayo Waat Iha<br>Jot Awhaanji Je Na Huje<br>Watehrdu  Kar Waat Munjhe | واهَ ڙي تارا، گولُ تارا،<br>روشَنُ تارا، چِمڪي وارا .<br>سانجهيءَ ٽاڻي نِڪِرو ٿا،<br>اُڀَ سَڄي ۾ پَکِڙو ٿا .<br>چِلڪو چِمڪو ساري راتِ،<br>ڪَجي اَوهان جي ڪهِڙي باتِ<br>رات لنگهي ويئي ،باقي ڇا،<br>اوهين ٻڌايو واٽ اِها.<br>جوتِ اَوهان جي نَہ هُجي،<br>واٽهِڙوُ ڪَرِ واٽَ مُنجهي. |
| Paiso Ladhum Pata Taa<br>Paise Wartum Gaahu<br>Gaahu Dinum Gaayen Khe,<br>Gaayen Dino Kheeru,<br>Kheeru Dinum Amma Khe,<br>Amma Dino Lolo,<br>Lolo Dinum Kaanwa Khe,<br>Kaanwa Dino Khambhu,<br>Khambhu Dinum Raja Khe,<br>Raja Dino Ghodo,<br>Chadhi Ghum, Chadhi Ghum,<br>Chandan Phatako,<br>Jeeyo Muhinjo Kako,<br>Kako Wetho Maadi’a Te,<br>Dembhu Sandas Darhee’a te. | پيسو لَڌُمِ پَٽَ تان،<br>پيسي وَرتُم گاهُ.<br>گاهُ ڏِنُم ڳانءِ کي،<br>ڳانءِ ڏنو کيرُ<br>کيرُ ڏِنُمِ اَمان کي.<br>اَمان ڏِنو لولو.<br>لولو ڏِنُمِ ڪانوَ کي،<br>ڪانوَ ڏِنو ڪنڀُ.<br>ڪنڀُ ڏِنُمِ راجا کي،<br>راجا ڏِنو گهوڙو،<br>چَڙهي گهُمُ، چَڙهي گهُمُ،<br>چَندَنَ ڦَٽاڪو،<br>جيئِي مُنهِنجو ڪاڪو.<br>ڪاڪو ويٺو ماڙِيءَ تي،<br>ڏينڀوُ سندس ڏاڙهِيءَ تي |

Asha Chand  050 4506739   www.SindhiSangat.com, Info@SindhiSangat.com,

سنڌي سنگت
Sindhi Sangat

| | |
|---|---|
| Jo Kheeru Peeye,<br>So Veeru Thiye.<br>Danda Zor Wathan,<br>Sutha Suhina Lagan.<br>Akhyun Jot Wadhe,Dadhi Soonha Thiye.<br>Wathe Zor Badan,Linga Chust Thiyan.<br>Kheeru Safa Sutho, Waah Dado Mitho.<br>Baaro Acho Peeyun,Bhare Kheeru Watyun.<br>Sabh Zor Wathun,Pee Kheeru Wadhoon.<br>De Kheeru Amma,<br>Pee Parhan Wanyaa. | جو کِيرُ پِيئي ،<br>سو وِيرُ ٿِئي،<br>ڏَندَ زورُ وَٺَنِ، سُٺا سُهِڻا لَڳَنِ،<br>اَکيُنِ جوتِ وَڌي، ڏاڍِي سوُنهن ٿِئي،<br>وَٺي زورُ بَدَنُ، لِڱ چُستُ ٿِيَنِ،<br>کِيرُ صَفا سُٺو، واهَ ڏاڍو مِٺو،<br>ٻارو، اَچو پِيئون ڀَري کِيرَ وَٽيوُن،<br>سَڀِ زور وَٺوُن، پِي کِيرُ وَڌوُن<br>ڏي کِيرُ اَمان، پِي پَڙهَڻَ وَڃان. |
| Muhinji Ammad<br>Munkhe Kehn The Kheeru Piyaaryo<br>Pyaar Manjhaa The Godi Wihaaryo<br>Khush Thee Har Har Moo De Nihaaryo<br>Muhinji Ammad, Muhinji Ammad<br><br>Pandhu Kande Je Dhiko Khadum<br>Kehn Khani The Chhati'a Laatum<br>Pyaar Manjhha The Bhaakur Paatum<br>Muhinji Ammad, Muhinji Ammad<br><br>Nind fiti Moon Jadehin the paye,<br>Kanhin Sumharyo loli deye<br>Chade Na Munkhe Kedahin veyi<br>Muhinji Ammad, Muhinji Ammad<br><br>Wadhi Jadhn Maan Wado Theendus<br>Sukha Sawaen Aau Tokhe Deendus<br>Tote Pehnjo Saahu Chadeendus<br>Muhinji Ammad, Muhinji Ammad | مُنهِنجي اَمڙِ<br>موُنکي ڪَنهِن ٿي کِيرُ پِيئاريو،<br>پيارَ مَنجهان ٿي گودِ وِهاريو،<br>خوشِ ٿي هَرَ هَرَ موُن ڏي نِهاريو،<br>مُنهِنجي اَمڙِ، مُنهِنجي اَمڙِ.<br><br>پَنڌُ ڪَندي جي ڍِڪو کاڌُم،<br>ڪَنهِن کٽي ٿي ڇاتيءَ لاتُمِ،<br>پيارَ مَنجهان ٿي ڀاکُرُ پاتُمِ،<br>مُنهِنجي اَمڙِ، مُنهِنجي اَمڙِ.<br><br>نِندَ ڦِٽي موُن جَڏهِن ٿي پيئي،<br>ڪَنهِن ٿي سُمهارِيو لولي ڏيئي،<br>ڇَڏي نَ موُنکي ڪيڏانهُن ويئي<br>مُنهِنجي اَمڙِ، مُنهِنجي اَمڙِ<br><br>وَڏي جَڏهِن مان وَڏو ٿِيندُسِ،<br>سُکَ سوين مان توکي ڏِيندُسِ،<br>تو تي پَنهَنجو ساهُ ڇَڏِيندُسِ،<br>مُنهِنجي اَمڙِ، مُنهِنجي اَمڙِ. |